# جيل گهاريم جن سان

طارق اشرف

# جيل گهاريم جن سان

(جيل جي ساٿين تي خاڪا ۽ ملاقاتون)

## طارق اشرف

١٩٨٣

www.sindhsalamat.com

## سگنڊ پبليڪيشنس جو اٺون ڪتاب

ڇپائيندڙ : زيب سنڌي
ڇاپيندڙ : سگنڊ پبليڪيشنس، جناح باغ روڊ، لاڙڪاڻو.
ڇپيندڙ : احمد برادرس، ناظم آباد ٢، ڪراچي.
ڪيليگرافي : پيوسنگي
ٽائيٽل، عڪس
پهريون ڇاپو : ڊسمبر ١٩٧٧ع
ٻيو ڇاپو : مئي ١٩٨٣ع
تعداد : هڪ هزار
قيمت : [redacted]٠٠ رپيا

ملڪ جو هنڌ

**سگنڊ ڪتاب گهر**
جناح باغ روڊ، لاڙڪاڻو سنڌ

www.sindhsalamat.com

# آس اٿم

منهنجا اڄ تائين اٺ اصلوڪا ڪتاب ڇپجي چڪا آهن (پنج ڪتاب مرتب ڪيا اٿم، اهي جدا آهن). پنهنجي ڪتابن تي اڄ تائين نہ ڪنهن کان پيش لفظ لکرايا اٿم، نہ ئي پنهنجي ڪتابن تي سوينئر ڪڍيا اٿم، ۽ نہ ئي ڪنهن ڪتاب جو مهورت ڪرايو اٿم. چو تہ مون چاهيو آهي تہ پڙهندڙ مون کي منهنجين لکڻين جي ڪري سڃاڻين. ٻين جي ڪلهن تي چڙهي مان پاڻ کي قداور ڇورائڻ نٿو گهران. پر هاڻ لڳي ٿو تہ شايد مان غلطيءَ تي هوس. شايد ادب ۾ قدآور آهي شخصيتون آهن، جيڪي ٻين جي ڪلهن تي چڙهي بيٺيون، جن ٻين کان پنهنجي ساراهہ ۾ پيش لفظ لکرايا، پنهنجي تعريفن ۾ تقريرون ڪرايون ۽ تبصرا لکرايا. ۽ انهن پيش لفظن ۽ تعريفي تبصرن کان متاثر ٿي نقاد فقط انهي حد تي تعريفون ڪندا رهن ٿا.

مون اهو سيڪيهہ نہ ڪيو تنهنڪري هر نقاد مون کي نظر انداز ڪيو آهي. پر مان پڙهندڙن جو ٿورائتو آهيان جيڪي مون تي مهربان رهيا آهن. آس اٿم تہ سدائين مهربان رهندا.

— طارق اشرف

www.sindhsalamat.com

آميءَ
جي نالي
جنهنجي همت ۽ سهاري جي ڪري
جيل گهارڻ ڏکيو نه لڳو.

www.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| سردار شيرباز مزاري | ٩ |
| پروفيسر غفور | ٢٠ |
| جنرل شيروف | ٢٩ |
| چوڌري ظهورالاهي | ٥٧ |
| جنرل .نيازي | ٧١ |
| مير رسول بخش | ٨٠ |
| شاهنواز خان جوڻيجو | ٩٠ |
| رسول بخش پليجو | ١٣٢ |
| شاهه محمد شاه | ١٥٨ |
| روشن جوڻيجو | ١٨٤ |
| قمر راڄپر | ١٩٥ |
| نذير عباسي | ٢٠٤ |


www.sindhsalamat.com

# سردار شبرباز مزاري

٧- مارچ ١٩٧٧ع واري اليڪشن ڪاٽيوءِ، اليڪشن ۾ ڌانڌلي ٿيڻ جي خلاف قومي محاذ سڄي پاڪستان ۾ تحريڪ هلائي. انهيءَ وقت جي حڪومت عام سياسي ڪارڪنن سان گڏوگڏ قومي محاذ جي ڪن ليڊرن کي به گرفتار ڪري ورتو. مان انهن ڏينهن ۾ ڪراچي سينٽرل جيل ۾ هوس. قومي محاذ جا ڪافي ليڊر گرفتار ٿي ڪراچي سينٽرل جيل پهتا، جن ۾ شيرباز مزاري، محمود اعظم فاروقي ۽ ٻيا به ڪافي هئا. اهڙيءَ طرح پوري پاڪستان ۾ قومي محاذ جي ليڊرن جون گرفتاريون ٿيون. انهن گرفتارين ڪاٽيوءِ اڳوڻي وزير اعظم، محاذ جي صدر مفتي محمود سان ڳالهيون ڪرڻ جي آڇ ڪئي ته هُن اهو چئي ڳالهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته منهنجا ساٿي جيل ۾ آهن. مان انهن کانسواءِ ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان. تنهنڪري اهي ليڊر هڪ ٻه ڏينهن گرفتار رهيا، پوءِ انهن کي آزاد ڪيو ويو. مزاري صاحب کي ڪراچي سينٽرل جيل ۾ اٺ ڏينهن ڪن رکڻ ڪاٽيوءِ سينٽرل جيل سکر، اماڻيو ويو هو، ڪيئن اتان آزاد ڪيو ويو.

پر ڪجهه وقت ڪاٽيوءِ وري گرفتاريون ٿيون، ۽ هن دفعي پير صاحب پاڳاري کانسواءِ قومي محاذ جا سڀئي ليڊر گرفتار ٿي ويا. ڪراچي سينٽرل جيل ۾ سياسي فضا ڇانئجي

www.sindhsalamat.com

# پروفيسر غفور

٢٠- مارچ ١٩٧٧: جو ڏينهن هو، عادت موجب صبح جو جلدي اٿيس، اڳ ۾ پاڪستان ريڊيو تان ۽ پوءِ بي-بي-سي تان خبرون ٻڌم. ريڊيو پاڪستان ٻڌايو ته ـــ قومي محاذ جي سيڪريٽري جنرل پروفيسر غفور کي گرفتار ڪيو ويو آهي. انهيءَ کانپوءِ عادت موجب عوامي حڪومت جي ڪارنامن جي ساراهه ٻڌايائون.

اهو ڪو سڄو ڏينهن اهڙي ئي گذريو، جيئن ڪجهه ڏينهن کان گذريو ٿي. شام ٿي، بند ٿيڻ وقت پوليس وارو ۽ صوبيدار ڪريم (جيل وارڊن) آيو، ۽ هنهي بئرڪن کي جاچڻ لڳو. ۽ پوءِ هڪ جيلر به آيو. پڇا ڪرڻ تي خبر پئي ته ڪو سياسي قيدي اچي رهيو آهي. اسانکي انتظار ٿي پيو ته ڏسجي ڪير آهي. پر پڪ هئي ته اهو نئون سياسي قيدي پروفيسر غفور هوندو. سانجهيءَ جي بانگ کانپوءِ اسانکي پوليس وارو بئرڪ ۾ بند ڪري ويو. اسين بند ٿيڻ کان ٿوري دير پوءِ ماني کائي وٺندا آهيون. پر انهيءَ ڏينهن سائين شاهنواز جوڻيجي چيو ته - ”سائين، ٿوري دير ترسون، ڏسجي ڪير ٿو اچي. متان هُنَ ماني نه کاڌي هجي.“ ڪجهه دير کانپوءِ هڪ نوازم واري کٽ کڄي آئي، ۽ انهيءَ کي ٻاهر رکيائون. خبر پئي ته واقعي پروفيسر

www.sindhsalamat.com

وجو. شهر اسان (مهاجرن) جا آهن. ۽ هين پوسٽرن تي لکيل آهي: سنڌ سنڌين جي آهي، جيڪي سنڌ وارا ڪنهن به مهاجر کي جيئرو نه ڇڏيندا. اوهانجو هنن پوسٽرن جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟ جواب ڏنائين، ”اهي حڪومت ڇپرايا آهن ته جيئن فرقيوارانه فساد ٿين. پر اسين انهن ڳالهين جي خلاف آهيون. ۽ اسانکي احساس آهي ته سنڌي به موجوده (پنهنجي) حڪومت جي خلاف آهن.“

پروفيسر صاحب کي کهڙي کهڙي اوباسيون پئي آيون. مون اٿندي چيو، ”اوهين هينئر آرام ڪريو. نيرن اسان سان ڪجو. انهيءَ وقت باقي ڳالهيون ڪنداسين.“ چيائين، ”مان ڪجهه دير سمهان ٿو. مون ڪيترن ڏينهن کان آرام نه ڪيو آهي.“ مان کيس سلام ڪري موٽي پنهنجي ڪمرې ۾ آيس. ٿوري دير، ڪانپور پاسي واري واردن مان زين نوراني، هارون احمد، چوڌري ظهور الاهي ۽ ٻيا ڪيترا ماڻهو پروفيسر غفور سان ملڻ اچي ويا. ۽ انهيءَ کان اڳ جومان پروفيسر سان تفصيلي ڳالهيون ڪري سگهان، جيل وارن پروفيسر غفور کي پوليٽيڪل وارڊ ۾ موڪلي ڇڏيو. وينڌي وقت پروفيسر موڪلائي ويو. اسين سڀئي کيس وارڊ جي در تائين ڇڏڻ وياسين. جوڻيجي صاحب موٽي اچي چيو، ”سائين، مون نٿي چيو ته پروفيسر غفور کي هتي ڪونه رهائيندا، پر اوهان ۽ روشن منهنجي ڳالهه ڪو نه مڃي. رات پاڻ سان هجي ها ته تفصيلي ڳالهيون ڪيون ها.“ مان ۽ روشن خاموش رهياسين. واقعي ڏوهه اسانجو هو. پروفيسر رات

www.sindhsalamat.com

مونکي افسوس آهي. ايڏي مختصر ملاقات مان ڪو صحيح اندازو لڳائڻ ته ممڪن ڪونهي. البت ايترو احساس ٿئي ٿو ته يا پروفيسر صاحب صفا سادو آهي يا تمام هوشيار. پر سندس اخباري بيان پڙهڻ ڪانپوءِ پويون رايو مناسب ٿو لڳي.

---

www.sindhsalamat.com

# جنرل شيروف (مير شير محمد مري)

٢٢- فيبروري، ٧٧ع تي، هوم سيڪريٽري (سنڌ) جي آرڊر تي، حيدرآباد سينٽرل جيل جي سيني بي ڪلاس جي قيدين کي جيل بدلي ڪري سکر سينٽرل جيل آڻيو ويو. مون سان گڏ حڪيم پير، راجا رحيم کهاوڙ، هادي چانڊيو، نظير چانڊيو، محمد علي، ماستر حنيف ۽ ڪاڪو لعلچند هو. ڪاڪو لعلچند ستر کن سالن جو پوڙهو هو، ۽ نظر به ڪوتہ پوندي هئس. سينٽرل جيل سکر اسين شام جو پنجين وڳي کن پهتاسين. ماڙيءَ تي اسانجي سامان جي چيڪنگ ٿي ۽ پوءِ اسانکي سپيرير (Suprier) وارڊ (بي ڪلاس) ۾ آڻيو ويو. اندر وياسين. هيءُ وارڊ تمام وڏو هو. سامهون ٻن لائينن ۾ ڪمريون ٺهيل هيون، ۽ وچ ۾ ميزون رکيل هيون. ڪمرن تي ٻہ ٽي نوجوان ۽ هڪ وڏي عمر جو ڏاڙهيءَ وارو همراهہ ويٺل هو. اسان وياسين تہ سيئي اٿي ڀاڪر پائي مليا. انهن ۾ هڪڙو ننڍڙي قد جو گول مول شخص منهنجو نالو وٺي اچي مونسان مليو. مان حيران ٿيس تہ هيءُ ڪير آهي، جيڪو مونکي سڃاڻي. هن پنهنجو تعارف ڪرايو- ماڻڊل شر هو. حيدرآباد ۾ هڪ دفعي ملاقات ٿي چڪي هئي. هن منهنجو تعارف ڪرايو، ۽ پوءِ پنهنجي سائين مان ڪن جو تعارف مون ڪرايو ۽ ڪن پنهنجو

www.sindhsalamat.com

هِنَ جيل ۾ هو، ۽ جڏهن هُنَ عيد تي سيئي جي ماڻي کٽي ته سيئي ڊاڪٽر عنايت وارن جي بئرڪ ۾ آيا، پر مير شير محمد نه ويو. نيٺ جڏهن ولي خان پاڻ وڃي مير کي وٺي آيو، تڏهن ويو. مير عبدالواحد ڪرد (سينٽر) روزشام جو ايندو هو. (هنکي اي ڪلاس هو ۽ هو ڪافي پري پوليٽيڪل وارڊ ۾ رهندو هو.) ته سيئي پٺاڻ ۽ بروچ سائس در تي وڃي ملندا هئا. پر مير شير محمد ڪڏهن به بئرڪ مان ٻاهر نڪري سائس نه مليو. عبدالواحد ڪرد ئي سدائين بئرڪ ۾ وڃي مير صاحب سان ملندو هو. ۽ جيترو به وقت مان مير صاحب سان گڏ رهيس، مون ڪڏهن به ڪيس ڪنهنجي ڪولي يا بئرڪ ۾ ويندي نه ڏٺو. تنهنڪري جڏهن مير شير محمد مون وٽ آيو ته مونکي خوشي به ٿي ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ تعجب به ٿيم.

مير صاحب ڪرسيءَ تي ويٺو. پرسان ميز تي منهنجو ويڊيو-ٽيپ رڪارڊر رکيو هو. ٽيپ رڪارڊر کي ڪٽي ڏنائين ۽ پڇيائين، ”هنجي قيمت ڪهڙي آهي؟“ چيم، ”ٻه سال اڳ ارڙهين سون ۾ ورتو هوم.“ مير صاحب تعجب ۾ مون ڏانهن ڏٺو ۽ مُرڪي ڏنائين. طنزيه مُرڪ. جڻ چوندو هجي ته: فضول خرچ آهيو. پوءِ هنڌ تي پيل ڪيسَ کي ڏسي پڇيائين، ”سنڌ ۾ ڪيس ڏاڍا سٺا ٿا ٿين. هيءَ ڪٿي جو نهيل آهي.“ چيم، ”نصرپور جو نهيل آهي.“ پڇيائين، ”هاڻ هنجي قيمت ڇا هوندي.“ ”چيم، ”پوري طرح ته نٿو چئي سگهان. پر پنج سؤ کان گهٽ نه هوندو.“ ۽

www.sindhsalamat.com

غلام رباني ۽ سان سٺو رهندو هو. مير شير محمد مري ۾ سردار خير بخش مري سائين حيدر بخش جتوئي جي جنازي ۾ به شريڪ ٿيا هئا.

مير شير محمد سان ادائي مهينا ڪن ڪڏ رهڻ جو اتفاق ٿيو. مونکي پنهنجي صاحب جو تورائتو ٿيڻ گهرجي جو مونکي مير شير محمد مري ۽ سان رهڻ جو موقعو ڏنو، نه ته مان ڪٿي وڃي جبلن ۾ مير شير محمد سان ملان ها.

مير شير محمد مري ۽ جي هڪ ڳالهه منهنجي دل ۽ ذهن تي سدائين چٽيل رهندي، چوندو هو، "جيڪو ماڻهو جنهن ڌرتيءَ تي رهي ٿو، اُتي جو ڪاڏي ٿو، پر انهيءَ ڪي هن ڌرتيءَ سان پيار ڪونهي ته اهو غدار آهي."

www.sindhsalamat.com

آهيو، انشاالله جلدي آزاد ٿينداسين. اوهين لاهور منهنجي جاءِ تي ضرور اچجو.“ چيم، ”مان غريب ماڻهو آهيان، مان ڪٿي ٿو اوهان جهڙن ،اڻهن سان رستو رکي سگهان.“ چيائين، ”تہ پوءِ مان اوهان وٽ ايندس، جيستائين اوهان سون مان دوستي رکي تہ ڏسجو شاهہ جي، مان دوستي نباهي ڄاڻيندو آهيان.“

# مير رسول بخش خان ٽالپر

٢٦- مارچ ١٩٧٧ جو ڏينهن هو. منجهند جا ٻارنهن وڳا هئا. مان ڪٽ تي ليٽيو پيو هوس ۽ جوڻيجو صاحب ننڊ ۾ هو. اوچتو ممتاز جوڻيجي ٻئرڪ ۾ ايندي چيو، ”مير رسول بخش پيو اچي.“ مان ۽ جوڻيجو صاحب آئي وارڊ جي در تائين آياسين. مير صاحب چوڌري ظهورالاهي واري وارڊ ڪان آدو پئي، ساڻس گڏ فاضل راهو به هو. منهنجي مير صاحب سان اڳي ڪان ملاقات هئي. جوڻيجي صاحب سان به واقفيت هئي. مير صاحب ملڪ جو تمام سٺو آهي. پنهنجي روايت مطابق انتهائي قرب ۽ انڪساريءَ سان نياز منجهان هٿ ٻڌي ٻاڪر پائي مليو. مير صاحب کي وٺي اسين ٻئرڪ ۾ آياسين. روشن جوڻيجو، نورل جوڻيجو، ميجرامتياز ۽ غلام نبي به اچي ويٺا. جوڻيجي صاحب نورل کي چيو، ”بابا، ڪجهه کڻي اچ. نورل ڪيڪ، مٺائي ۽ ميوو، جيڪو ڪجهه هو، سو کڻي آيو.

مير صاحب اڪ جي پيٽ ۾ هاڻ وڌيڪ ٻڌو ٿي لڳو. پر ڳالهائڻ ۾ ساڳي هشمت، دٻدٻو ۽ آواز بلند. مٿون جهڪيل نه هيون، مڇن جون چوٽيون سدائين وانگر مٿي کڄيل هيون، پر تنهن هوندي به مير صاحب گهڙيءَ گهڙيءَ وڃي انهنکي آيو ٿي ڪيو. مير صاحب سياست تي ڳالهائڻ

www.sindhsalamat.com

سهڻيءَ ۾ اوهان تي تنقيد ڪندو هئس. اوهان سنڌين جي حقن لاءِ ڪڏهن به نه ڳالهايو آهي.“ مير صاحب ڪجهه مُنجهي پيو، پر سردار شيرباز مزاريءَ چيو، ”چا ڪجي، ڪجهه ڊپلوميسي به ته ڪرڻي پوي ٿي.“ مون سردار کي چيو، ”مير صاحب کي گورنريءَ تان لاٿو ڪونه ويو هو. پنهنجي مرضيءَ سان استعيفا ڏني هئائين. انهيءَ وقت سنڌ جي ڳالهه ڪري ها. سنڌ لاءِ نعرو هڻي ها ته اڄ سنڌ جو ليڊر هجي ها. پر مير صاحب سنڌ جي حقن لاءِ نه، بلڪ پنهنجي پاڻ جي ڪري استعفيٰ ڏني. جڏهن سنڌي ٻوليءَ واري بل تي آرڊيننس هنيو ويو هو، انهيءَ تي مير صاحب صحيح نه ڪري ها، ۽ استعفيٰ ڏي ها ته سنڌي مير صاحب کي اکين ۾ جايون ڏين ها. پر مير صاحب ائين نه ڪيو.“

مير صاحب جواب نه ڏنو، ٿوري دير خاموش رهي، پوءِ مير صاحب چيو، ”سرڪار هڪ ڳالهه جو ڏک اٿم. هيءُ موقعو هو، جيئن سنڌ وارن کي اليڪشن ۾ ماڻهو بيهارڻ گهرجن ها. هن آزاديءَ مان ڪجهه نه ڪجهه ته فائدو وٺجي ها.“

شام جو ساڍي ڇهين وڳي ڊاري اسين اٿياسين. رستي ۾ جوڻيجي صاحب مونکي چيو، ”اوهان ته ڪلهي وٽ ڪئي.“ مون ۽ روشن کلي ڏنو.

وارو نماز پڙهي رهيو هو. هن سلام ورائي پڇيو: ڪهڙيون صلاحون پيا ڪريو. هدايتون ته پروگرام ته اهو آهي، پر ڊپ اٿئون ته هي رڙيون ڪندو. پوڙهي چيو: اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. اڌ قيدي زور زور سان ذڪر (الله هو الله هو) ڪن ۽ اڌ هنجو ڪم لاهين. پوءِ يلي پيو رڙيون ڪري. ڪيائون به ائين هڪڙن ذڪر ڪيو، ۽ ٻين ٻيو ڪم. صوبيدار ڳهيون ٿي رڙيون ڪيون، پر سندس آواز ٻاهر نڪتو ٿي ڪونه، ۽ نه ٿي ڪو ڪيس بچائڻ لاءِ آيو.

جوڻيجو صاحب پاڻ صبح شام ورزش ڪندو هو. ۽ جڏهن ڪان روشن وارا آيا هئا سندن ورزش پاڻ وڏي ويئي هئي. انهن ڪافي شيئون ورزش لاءِ آنديون هيون، جن ۾ هڪڙو Bull Worker به هو، جنهنکي ڇڪڻ تي تمام گهڻي طاقت لڳندي هئي. پاڻ ته ورزش ڪندو هو، پر روشن ۽ نورل تي به ڏنبو ڪنيو ويٺو هوندو هو ته: ورزش ڪريو. ممتاز کي به چوندو هو: صبح جو جيڏيءَ مهل اٿندو هو، انهنکي به زوري اٿاري ڇڏيندو هو. روشن ته روز ورزش ڪندو هو، پر نورل اڪثر لهرائيندو هو ۽ دڙڪا کائيندو هو. ائين به نورل کي ڏاڍا دڙڪا ملندا هئا. روشن تمام هوشيار هو، هو پنهنجو ڏوهه يڪدم قبول ڪري پنهنجي جند ڇڏائي وٺندو هو. ڪڏهن ڏوهه نه به هوندو هوس ته به، ٻاسي وٺندو هو. پر نورل سادو هو، اڪثر جواب ڏيندو هو، ۽ موٽ ۾ گاريون کائيندو هو. (ائين به جوڻيجي صاحب کي گارين ڏيڻ جي ڏاڍي عادت هئي. هر ننڍڙي ڳالهه تي وات ۾ گار هوندي

www.sindhsalamat.com

# رسول بخش پليجو

رسول بخش پليجي صاحب سان منهنجي ملاقات ڪافي پراڻي آهي. پهريون دفعو ملاقات ١٩٦٤ع ۾ ٿي هئي. مان سندن عزت به ڪندو آهيان ۽ بي تڪلف به آهيان. ماهوار سهڻي ۽ سهڻي پريس تي پابندي پئي ته پليجي صاحب منهنجي وڪالت ڪئي. ۽ جڏهن مون تي ڪيس ٿيا ته ٻن ڪيسن ۾ منهنجي ضمانت به ڪرايائين. حالانڪ ڪجهه وقت اڳ اسان ٻنهين ۾ اختلاف هو، پر جڏهن مون تي ڏکيو وقت آيو ۽ ڪهڙي پاڳي سيٺي اديب مونکان پاسو ڪري ويا ته پليجي صاحب منهنجي پوري طرح مدد ڪئي. پليجوصاحب جيستائين پاڻ گرفتار نه ٿيو هو، منهنجي شنوائين تي به ايندو هو، جيڪڏهن پاڻ نه آيو ته پنهنجو ماڻهو موڪليندو هو.

مونکي ڪراچي جيل ۾ آئي ڪجهه ئي ڏينهن ٿيا هئا جو اخبارن ۾ خبر پڙهيم ته: رسول بخش پليجو گرفتار ٿي ويو. پر اها خبر نه پئي ته آهي ڪهڙي جيل ۾. ١٦ ڊسمبر تي صبح جو علڻ ٿيو، عادت موجب چڪر تي ويو ۽ موٽي اچي هدايائين ته: رسول بخش پليجو به پهچي ويو آهي. ٢٠ وارڊ ۾ آهي. مان ۽ ابوبڪر ساڻس ملڻ وياسين. وارڊ جي در کي تالو ڏنل هو، لوهي پٽين جي هڪ پاسي پليجوصاحب ۽ ٻئي پاسي اسين بيٺا هئاسين. پليجي صاحب کي چيوسين

www.sindhsalamat.com

ته: اوهان پوليس واري کي بيماريءَ جو ڇٽي ٿالو کولايو ته اسپتال هلي نوبڪلائيءَ ۾ ڪچهري ڪريون. پليجي صاحب اوڏي مهل ئي رڙ ڪري پوليس واري کي چيو، ”ڀائي تالو کول. مونکي اسپتال وڃڻو آهي.“ هن پڇيو، ”اوهانجي طبيعت خراب آهي ڇا؟“ پليجي صاحب چيو، ”تمام سخت خراب آهي، تون جلدي تالو کول.“ هن تالو کوليو، اسان نفيس صديقيءَ کي اطلاع ڏيئي اسپتال هليا وياسين. ڪجهه دير ڪانپوءِ نفيس به پهچي ويو. ۽ ڪافي دير مختلف موضوعن تي ڳالهيون ٻولهيون ٿينديون رهيون. پليجي صاحب ٻڌايو ته ڪيس ڪجهه ڏينهن ناري جيل ۾ رکيو هئائون. مون پليجي کي ٻڌايو ته اسانوٽ ٢٣ بئرڪ خالي پئي آهي. جيل وارن کان اجازت وٺي هتي اچي رهو، اتي وڌيڪ آرام ۾ رهندا.

ٻئي يا ٽئي ڏينهن پليجو صاحب ٢٣ بئرڪ ۾ هليو آيو. ٻڌايائين ته سندس ڪاغذ ۽ ڪتاب ماڙيءَ تي روڪي ورتا اٿن. اسان چيس ته سپرنٽنڊنٽ کي لکي موڪل، ملي ويندا. چوته اڳ ئي نفيس سان ڦڏو ڪري ڦاٿا آهن، سو توهان سان نه ڪندا. پليجي صاحب لکي موڪليو، ۽ کيس سڀئي ڪتاب ۽ ڪاغذ موٽائي ڏنائون.

پليجي صاحب کي جيڪا کٽ مليل هئي، بند ٿيڻ وقت تنهن لاءِ پوليس وارو آيو چيائين: اها کٽ چوڌري صاحب جي آهي، واپس ڪريو. جونيجي صاحب پوليس واري کان پڇيو: چوڌري هن کٽ تي سمهندو آهي ڇا؟

www.sindhsalamat.com

ڪي چئو ته شاهنواز خان کي ڇڏي. جتوئيءَ چيو-تون آزاد ٿي، پوءِ تون به ڇٽجان، مان به ڇوڙندس. پٽو شاهنواز تي سخت ڪاوڙيل آهي. مانيءَ تي پٽو ۽ جتوئي ڪونه هئا، البت محمد خان جوڻيجو هو. شاهه هنڪي وراڻي ڏيو. پڇيائين ته-توکي طارق اشرف سان ڪهڙي دشمني آهي جو تون طارق لاءِ چئين ٿو ته هو پارٽ جو ايجنٽ آهي. جيڪڏهن هو واقعي پارٽ جو ايجنٽ آهي ته ڏيوس مزا. محمد خان ڦڪو ٿي چيو-مونکي هن سان ڪابه ذاتي دشمني ڪانهي، پر هن موهن ڪلپنا جو ناول 'جلا وطني' ڇو ڇپيو. شاهه ڪاوڙ ۾ پڇيو، ۽ اڙدوءَ ۾ جو ڪيترا ڪتاب ڇپجن پيا. انهيءَ جي خلاف به ڪڏهن ڪو ايڪشن ڪنيو اٿو. محمد خان ڦڪي مرڪ مرڪندي چيو: اڙدو ته مالڪن جي ٻولي آهي نه. شاهه مونکي جيڪي ڳالهيون ٻڌايون هيون انهن جي تصديق نذير عباسي، ساڃن ڏاهري ۽ منظور خشڪ به ڪئي.

# روشن جوڻيجو

روشن جوڻيجي سان منهنجي پهرين ملاقات سنڌ اسپيشل ٽربيونل ۾ ٧٦ جي وچ ڌاري ٿي هئي. روشن شاه محمدشاه جو دوست آهي. شاه سان ملڻ لاءِ ئي آيو هو. شاه محمدشاه هميشه سندس ڏاڍي واکاڻ ڪندو هو. روشن کي ڏسي، پهرين نظر ۾ هن متاثر ڪيو. ڊگهو قد (٦ فوٽ) ننڍي ڪاري ڏاڙهي، (جيڪا ڪيس ڏاڍي ٺهي ٿي)، پينٽ ۽ قميص ڏاڍي سٺي سبيل، ۽ پاڻ جو سهڻو سليقو، ڳلي ۾ سنهڙي سوني زنجير. اچڻ سان سيني بيللن لاءِ ڪوڪا ڪولا جي ڪريٽ گهرائين. بيللن تي چڱو رعب پئجي ويو. شاهه مونکي سڏي، ساڻس تعارف ڪرايو. روشن جي چپن تي ڪن پل لاءِ زوري مرڪ آئي، ۽ بنهه رواجي نموني ۾ مليو. ۽ جلدي ئي مونکي نظرانداز ڪري ڇڏيائين. مان آتان هٽي، ڪجهه پري تي ويٺس. ويندي وقت روشن مليو به ڪونه. جڏهن مان ۽ شاه سکر جيل موٽي آياسين ته مون شاه کي چيو، "روشن کي ڪپڙا تمام سٺا پيل هئا، خاص ڪري سلائي تمام سٺي هئي. پر ڏاڍو مغرور ماڻهو آهي، مونکي اهڙي اميد ڪانه هئي." شاهه چيو، "آهي ته ڪونه اهڙو. پر خبر نه آهي ڇا ٿيس."

۽ جڏهن روشن لانڍي جيل سان، ڪراچي سينٽرل جيل

www.sindhsalamat.com

دهائي، ڪتاب وٺندو رهندو هوس. پر ڇا تو ڪري سگهجي.“
روشن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. چيائين، ”اوهين مونسان ڳالهه ڪريو ها.“ چيم، ”اهو مناسب ڪونه هو.“

٢- اپريل تي، سانجهي وقت مونکي ٻڌايو ويو اوهانکي آزاد ڪري رهيا آهن. اوهين سامان کڻي ماڙيءَ تي هلو. سيني ڏاڍا خوش ٿيا، پر مونکي يقين نه پي آيو. مون ممتاز کي چيو، ”اوهين مونسانِ گڏ ماڙي تي هلو.“ روشن چيو ”مان به تو هلان.“ مون روشن کي چيو، ”مونکي پنهنجي آزاديءَ جو يقين ڪونهي. جيڪڏهن ماڙيءَ تي خبر پئي ته اِها ڳالهه غلط آهي ته مان اوهان واري وارڊ ۾ موٽي ڪونه ايندس. سيني سان موڪلايو اٿم، هاڻ ڪهڙي منهن سان موٽي ويندس.“ روشن کلي چيو، ”پوءِ پنيان لڪي، مات ڪري وڃي ٻئرڪ ۾ ويهنداسين.“ ماڙي ۾ آياسين ته ڪافي دير کانپوءِ خبر پئي ته واقعي آزاد ڪونه ٿا ڪن، لانڍي جيل بدلي ڪئي اٿن. روشن چيو، ”هاڻ ڦڏو ٿا ڪريون، اوهانکي ڪونه وڃڻ ڏيو.“ مون چيو، ”نه ڦڏي جي ضرورت ڪانهي. اوهاسان ڪافي وقت گڏ رهيو آهيان، شاه محمد شاه لانڍي جيل ۾ آهي، هاڻ ڪجهه وقت هن سان به رهجي.“

---

# قمر راڄپر

١٣- اپريل ٧٦ جو صبح هو. مان وراندي مان نڪرڻ لڳس ته ڪنهنڪي چوندو ٻڌم: طارق صاحب آهي. مڙي ڏٺم. قمر راڄپر ۽ ڏيپلائي صاحب آيا پي. مان وڏي وجهي مليس ۽ پنهنجي ڪوليءَ ۾ آڻي ويهاريم. ٻڌايائون ته حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ هئاسون. اڄان وين ۾ رات جو وٺي نڪتا هئا، صبح جو سکر جيل تي آڻي ڇڏيو اٿن. قمر اهو به ٻڌايو ته شاهه محمد شاهه جي بدلي به حيدرآباد کان ڪراچي ڪئي اٿن. مان حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ کهڙيس ۽ شاهه کي انهيءَ وقت ڪراچي وٺي ويا. بس ٿوري دير ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي. ڪجهه ڏينهن سي ڪلاس هو، جيل جي اسپتال ۾ مٽي ڪيو هئائون. مون وٽ ته هتي به ڪونه هو، شاهه ڏيئي ويو هو. پوءِ بي ڪلاس مليو ته هيڏانهن اماڻيائون. اوهان ڏيو خبر. پوءِ ڪافي دير تائين ڳالهيون ٻولهيون ٿينديون رهيون.

قمرالزمان راڄپر سان اڳ ۾ منهنجي ملاقات مدد علي سنڌيءَ وٽ ٿي هئي. پر قمر ٻڌايو ته..انهيءَ کان اڳ به مان اوهان سان مليو هوس. ڪلي چيائين- مان ۽ مولا بخش لغاري اوهانجي آفيس ۾ اوهان سان وڙهڻ آيا هئاسين. پوءِ مون سائين جي- ايم- سيد جي سالگره تي ڪراچيءَ ۾ اوهانجي

www.sindhsalamat.com

# نذير عباسي

نذير عباسيءَ سان منهنجي ملاقات جيل ڪان اڳ ٿي هئي.
۽ مونکي افسوس آهي ته نذير سان اڳ ۾ ملاقات
ڇو نه ٿي. هاڻ مان جڏهن جيل جي ساٿين تي خاڪا لکڻ
لڳس ته مونکي سڀ ڪان ڏکيو نذير لڳو. سوچي سوچي
ٿڪجي پيس، پر سمجهه ۾ ڪجهه نه پيو اچي ته مان نذير
تي ڇا لکان، سواءِ انهيءَ جي ته نذير تمام سٺو ماڻهو
آهي. پر 'سٺو' لفظ موزون ڪونهي. حقيقت ۾ نذير جو
جهڙو اخلاق آهي، جهڙو ڪردار آهي، مان ته چاهيان ٿو
سيني سنڌي شاگردن جو اهڙو هئڻ گهرجي. جيل ۾ جيڪي
سيني کان مسڪين قيدي هئا، نذير انهن مان هڪ هو. نذير
لاڙڪاڻي کان شنوائيءَ تي ڪراچي آيو، ۽ ڪيس اوچتو
لانڍي جيل اماڻيو ويو. نذير وٽ نه هئا ڪپڙا، نه هو چمپل
۽ نه هو هنڌ بسترو، ۽ نه ئي جلدي ملاقات ايندي هئي، پر نذير
ڪڏهن به ڪنهن شيءِ جي گهر نه ڪئي.

مان نذير عباسي لاءِ فقط ايترو لکندس ته نذير
ڪردار، اخلاق ۽ عادتن جي ڪري آئيڊيل آهي. ٢٢ مهينن
جي پوري عرصي ۾ هن جهڙو بلند ڪردار مون ڪنهن ٻئي ۾
نه ڏٺو. خدا ڪري سدائين اهڙو رهي.

---

www.sindhsalamat.com

معياري سنڌي ڪتابن لاءِ سنڌ جو اهم ترين مرڪز

# سڳنڌ ڪتاب گهر

- سنڌ جي سيني ادبي ادارن جا ڪتاب اوهان کي ملي سگهندا.
- پاڻ اچي چونڊ ڪريو، يا خط لکي وي- پي- ذريعي گهرايو.

سڳنڌ ڪتاب گهر
جناح باغ روڊ، لاڙڪاڻو سنڌ

www.sindhsalamat.com

سگنڊ پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ٻه نوان ڪتاب

# تاريخ جو ڪفن

## ڪهاڻيون: امر جليل

امر جليل جي ذهن بهترين ڪهاڻين جو، ڀهريون ڀيرو شايع ٿيل نئون مجموعو. ١٨٤ صفحا، آڇو پنو، بهترين ٽائيٽل، قيمت ١٥ رپيا.

# ڀٽر دل

## ڪهاڻيون: ڪرشن چندر

سنڌيءَ ۾ ڀهريون ڀيرو شايع ٿيل، ڪرشن چندر جون سنڌي ڪردارن تي لکيل ڏهه ڪهاڻيون.
١٠٠ صفحا، قيمت فقط ٧ رپيا.

www.sindhsalamat.com

# رات منهنجي روح ۾

## ڪهاڻيون: غلام نبي مغل

انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي پاران بهترين افسانوي ادب جو انعام حاصل ڪيل ڪتاب — ۱۵ ڪهاڻيون، ۲۵٦ صفحا، اڇو ڪاغذ، قيمت ۱۵ رپيا

# طوفان جي تمنا

## ڪهاڻيون: نجم عباسي

سنڌ يونيورسٽي ۽ پاڪستان رائيٽرس گلڊ پاران بهترين افسانوي ادب جو انعام حاصل ڪيل ڪتاب — ۱۷ ڪهاڻيون، ۱٦۸ صفحا، اڇو ڪاغذ، قيمت ۱۲ رپيا

# سيلاب زندگيءَ جو

## ناول: پوپٽي هيرانندڻي

ساهتيه اڪيڊمي (هند) جي انعام يافته ليکڪا جو بهترين ناول جنهن لاءِ ليکڪا جو چوڻ آهي ته ”منهنجي لکيل سڀني ڪتابن مان، منهنجو پيارو ڪتاب ’سيلاب زندگيءَ جو‘ آهي.“ ۱۳۲ صفحا، قيمت فقط ۸ روپيا.

گهرائڻ لاءِ:

**سگنل ڪتاب گهر**

جناح باغ روڊ، لاڙڪاڻو سنڌ


www.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

www.sindhsalamat.com

ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن ڪي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ ڪي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ ڪي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ ڪي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيههہ ڏيندي انهن سِپني ڪي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ۔

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‍ءَ جي نشاني آهي.

تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَرَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽڪر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻڌ ڪان ٻڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ڻ وڻ کي مون پاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا پاءُ  
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.  
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)